بکيو شينهن

ارشاد ساگر. گڏائي



بکيو شينهن

سهيڙيندڙ

ارشاد ”ساگر“ گدائي

مهراڻ اڪيڊمي

ڇپائيندڙ : قمر ميمڻ
ڇاپـو : ڦيبروري ـ 1997ع
ڳاڻـيٽو : 2000 هزار
آپريٽر : ارشاد ڪلاڻي
قيمت : 4/= رپيا

ملڻ جو هنڌ
برانچ آفيس: مهراڻ اڪيڊمي واڳڻودر شڪارپور
۽
سنڌ جا سمورا ڪتاب گهر

سائو سج

اڄ موڪل جو ڏينهن هو. مان صبح جو دير سان اٿيس. وهنجي سهنجي ڪپڙا پائي ٻاهر نڪتس ته ان وقت منهنجي حيرت دنگ رهجي وئي، جڏهن مون کي ٻاهر جي دنيا تبديل ٿيل نظر آئي. مون کي ائين لڳو ڄڻ رات ڪو وڏو انقلاب آيو هجي. هر شيءِ سائي رنگ جي نظر پئي آئي. جيڪا شيءِ ڪلهه تائين پنهنجي اصل شڪل برقرار رکيو آئي هئي، اڄ پنهنجو رنگ بدلائي چڪي هئي. وڏيون وڏيون عمارتون، زمين، آسمان، جايون ۽ گاڏيون وغيره سڀ پنهنجو رنگ بدلي چڪا هئا. مان حيران هوس ته هي اوچتو انقلاب ڪيئن آيو. ان انقلاب کي آڻڻ ۾ ڪنهن جو هٿ آهي ۽ هي انقلاب ڇو آيو؟ مون کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه پئي آيو. اوچتو منهنجي نظر سج تي پئي ته مون کي سڄي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي. ڇو ته سج اڄ سائي رنگ جي روشني خارج ڪري رهيو هو. جنهن ڪري هر شيءِ سائي ٿي وئي هئي. پر وري منهنجي ننڍي ذهن ۾ هڪ نئون سوال اڀريو ته آخر ڪهڙو ڪارڻ آهي، جو سج سائو آهي ۽ ان مان خارج ٿيندڙ شعاع به ساوا

آهن. ايئن نه ناهي جو آلودگي (گدلاڻ) ڪري سج جو رنگ تبديل ٿي ويو آهي. مون کي هاڻي ان ۾ گدلاڻ جو ئي عمل دخل ٿي لڳو. پر گدلاڻ ڪري ته پهريون اسان وٽ گرمي جو درجو وڌي ها. جو ته گدلاڻ اڳ ۾ ڌرتي جي فضائي گولي ۾ موجود اوزون گئس جي تهه کي تباهه ڪري ڇڏيو ٿي سج جي خطرناڪ شعاعن کي اسان تائين پهچڻ ڏني ها. مان اهو سڀ ڳالهيون سوچيندي سوچيندي بازار اچي نڪتس. اتي به ساڳي ئي حالت لڳي پئي هئي. مان هڪ ماڻهوءَ کي روڪيو ۽ چيو ته "ادا اڄ سج سائو ڇو آهي ۽ هر ماڻهو ساوا ڪپڙا ڇو پاتا آهن. ان همراهه پنهنجا ڪپڙا چڱيءَ طرح چيڪ ڪيا ۽ پوءِ ڪجهه وقت مون کي غور سان ڏسڻ لڳو ۽ کلي مون کي "چريو" چئي هليو ويو. باغ ۾ مون کي منهنجو دوست سلطان مليو. مان سلطان کان هن اوچتو انقلاب بابت پڇيو ته هو به مون ڏانهن ڏسي کلڻ لڳو ۽ سلطان چيو "يار شفيق چئبو ته تو مان پوڳ واري عادت اڃا نه ٿي وڃي. مون کيس سنجيده ٿيندي چيو. پوءِ ته هو مون تي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو. اينري ۾ منهنجو ٻيو دوست پروير، فهيم سان گڏ اچي مليو: مون ڪانئس به ساڳيو سوال ڪيو ته اهي ٻئي به منهنجي ان

عجيب سوال تي کلڻ لڳا. سلطان تہ ائين چئي ڏنو تہ "هڪ غريب ٻيو وري خيال وڏا. اڳ ۾ٽو هيم تہ تون چريو آهين. هاڻي نہ پڪ ٿي تہ تنهنجو دماغ آئوٽ آهي." فهيم چيو. "اڙي ڇوکي چيو تہ اهي ڪهاڻيون نہ لک نہ تہ دماغ خراب ٿي ويندءِ، پر تون نہ مڙين. هاڻي وڃي گدو بندر مان علاج ڪرائي اچ" ٽئي ڄڻا مون تي کلڻ لڳا. مان هنن کي چڙي اڳتي وڌيس.

هاڻي تہ مون کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ مان ڇا ڪريان. آخر ڪهڙي ڳالهہ آهي جو اهي منهنجا دوست مون کي چريو سمجهي رهيا آهن. مون تي کلي رهيا آهن. ڇا مان واقعي چريو تہ ناهيان؟ اهي سڀ ڳالهيون سوچيندي منهنجي مغز ڦرڻ لڳو. منهنجون ٽنگون ڏڪڻ لڳيون، ۽ مان پنهنجو توازن برقرار رکي نہ سگهيس ۽ هيٺ ڪري پيس. منهنجي ڪرڻ سان هر شيءِ پنهنجي اصلي حالت ۾ اچي وئي، نہ سائو جهان هو، نہ ئي "سائو سچ" دراصل ڳالهہ اها هئي تہ منهنجي هيٺ ڪرڻ سان منهنجي اکين تي پاتل عينڪ ڪري پئي، صبح جو مون نظر جو اچو چشمو پائڻ بدران پنهنجي پاءُ رفيق جو سائو چشمو پائي آيو هيس. ياروǃ خيال ڪجو متان ڪڏهن اوهان سان بہ ....!؟

ماڪيءَ جي ماني

هڪڙو غريب ڇوڪر هو، جنهن کي پُيڙي ماءُ کان سواءِ ڪو بيو مٽ مائٽ ڪونه هو، جيڪو سندس سار سنڀال لهي. هڪ وڏي مانهوءَ وٽ وڃي نوڪر ٿيو، جتي هن کان ڪم ڪار ته گهڻو ورتو ويندو هو پر پگهار تمام گهٽ هيس. کائڻ لاءِ ماني به موچاري ڪين ڪانه ملندي هئي، تنهنڪري ماڻس صلاح ڏنيس ته "پُٽ، [illegible] مائٽن ۾ اسان غريبن لاءِ قياس ۽ رحم ڪونه آهي. هاڻي [illegible] ڪهاڙي ۽ رسو کڻ، وڃي جهنگ ۾ ڪاٺيون [illegible] آهي وڪڻي گذر سفر ڪر. [illegible] آهي ته حرڪت ۾ برڪت ۽ ونڊ ۾ گنج آهي."

[illegible] ڪاٺيون ڪرڻ لاءِ [illegible] ماڻس [illegible] جي پلاند ۾ ٻڌي [illegible] ماني [illegible] ڪانجان [illegible] ماکي [illegible]

ڇوڪرو [illegible] ڏانهن [illegible] اُتي [illegible] ڪاٺيون ڪيائين [illegible] ٿيس ۽ بُک به لڳس، سو



ماني چوڙڻ لڳو، پر ماءُ جو چيو ياد آيس، ڏنائين ته ماني ماکي ته کاڌ تي آهي. سو وري وچي کائيون کپڻ لڳو، کپيندي کپيندي جڏهن تکو ۽ بک تپايس ته ماني کائڻ جو خيال کيائين، پر ڏنائين ته ماني اچا ساڳي صورت ۾ آهي، پاڻ وڌيڪ سُکي نوٽ تي پيئي آهي، سو وري وچي کائيون کپڻ لڳو. جڏهن بک حد کان وڌيڪ تنگ کيس تڏهن ماني چوڙي کائڻ لڳو. جيئن ئي گرهه وات ۾ وڌائين ته ماکيءَ کان به مٺو لڳس. پوءِ ته سڄي ماني ڏاڍي مزي سان کائي ويو کيائين ۽ موٽي اچي ماءُ کي چيائين ته "اما برابر محنت سُکي رکي ماني کي به ماکي بڻائي ڇڏي ٿي."

بکيو شينهن

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته هڪ جهنگ ۾ هڪ گدڙ رهندو هو جنهن جو نالو لالچي هو. هڪ ڏينهن هو جهنگ مان وڃي رهيو هو ته هن ڪجهه جانورن کي پاڻ ۾ وڙهندي ڏٺو. هن جانورن کان وڙهڻ جو سبب پڇيو. جانورن وراڻيو ته، "اسين سڀ شڪار ڪري رهيا هئاسين. اسان کي هڪ هرڻي نظر آئي. اسان سڀني ان تي گهيرو ڪيو ۽ انکي شڪار ڪيوسين ۽ ماريو. ان انکي ورهائڻ جي مسئلي تي وڙهي رهيا آهيون. هاڻي تون اسان کي ڪو رستو ٻڌاءِ جنهن سان اسان کي هڪ جيترو حصو ملي."

اهو ٻڌي گدڙ انڪار ڪيو پر سڀني جانورن جي زور ڀرڻ تي گدڙ سمجهي ورتو ته فائدو آهي. دوستو آءُ ڪجهه سوچيان ٿو." گدڙ ڪجهه دير کان پوءِ سڀني جانورن کي چيو ته توهان سڀئي هڪ قطار ڪري بيهو ته آئون انگ ڳڻيان ٿو، پوءِ توهان مان جيڪو اڳ ۾ وڃي جهنگ جي ٻاهران نديءَ جو پاڻي ڪڍي ايندو ته هي هرڻي ان جي حوالي ڪئي

ويندي" اهو ٻڌي سڀ جانور خوش ٿيا ۽ گوءِ پچڻ لاءِ تيار ٿيا.

جڏهن گدڙ تن ٽائين انگ ڳڻيا ۽ جانور گوءِ لاءِ روانا ٿيا تہ گدڙ جي دل ۾ کوٽ پيدا ٿي ويئي، گدڙ سوچيو تہ ڇو نہ هي هرڻي کڻي وڃي پنهنجي غار ۾ ويهي کائي ڇڏيان ۽ ٻيا جانور پنهنجي وڙهڻ جو نتيجو ڏسن. اهو سوچي گدڙ هرڻي کي کڻي پنهنجي غار ڏانهن روانو ٿيو جڏهن گدڙ غار وٽ پهتو، تہ اتي هڪ ٻکيو شينهن وينو هو، هن گدڙ وٽ هرڻي ڏٺي تہ خوش ٿي ٽپا ڏيڻ لڳو ۽ ساٽس وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويو. پوءِ شينهن ان تي حملو ڪري هن کي زخمي ڪري وڌو ۽ پوءِ گدڙ ۽ هرڻي ٻنهي کي چيري ڦاڙي کائي ويو.

ٻارؤ اهو آهي دغا ۽ لالچ جو انجام!!

ڪوشش

وريام ڳوٺ جو پڙهيل لکيل نوجوان هو. هن کي پنهنجي ڳوٺ سان پنهنجي ماءُ جيترو پيار هو. هر وقت پنهنجي ڳوٺ جي پسماندگي ۽ پذيرائيءَ لاءِ سوچيندو رهندو هو. هو جڏهن ڳوٺ مان شهر ڏانهن اسڪول لاءِ اُسهندو هو ته ڳوٺ جا پيرين اگهاڙا، ميرن لٽن سان جانور چاريندڙ قدرت جا معصوم ۽ عجيب ڪردار ڏسي هن جي من ۾ رحم جي سٽ اچي ويندي هئي، دل چاهيندي هُيس ته جيڪر انهن جي ٻـ هٿن ۾ ڪتاب ۽ قلم هُجي. پر افسوس جو ڳوٺ جو ماحول اجا اهڙو ڪونه ٿيو هو جو تعليم جي اهميت ۽ ضرورت کي محسوس ڪري سگهن. ڳوناڻا پنهنجن ٻنين ۽ جانورن کي زندگي سمجهندا هئا. انهن وٽ علم جو ڏيئو اجا روشني جي اهميت کٽي ڪونه پهتو هو. هن جو عزم هو ته جڏهن به سَٽ ۽ وس ملندو ته ڳوٺ ۾ پهريون اهو ڪم ڪندس ته پرائمري اسڪول کولرائيندس. آخرڪار قدرت جي مهرباني سان ائين ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

هن جو ڳوٺ اڄ جي دؤر کان هڪ صدي پٺتي پيل هو هتان جا چڱا مڙس ائين نه پيا چاهن ته هت ڪا سهولت هجي، ڪو هاريءَ جو پٽ ٻاتيءَ ٻوليءَ سان الف اک جو

ڪتاب پڙهي پڪو ڪري......

اڄ صبح جو ڳوٺ جي پرسان ڪانن ۽ ٻين سان اڏيل هڪ جهونپڙيءَ منجهان الف اڪ ۽ ب بدڪ جي ٻاتي ٻولي ڳوٺ جي ٻوڙن ڪنن ۾ گهنبڊ جيان گونججي رهي هئي اڄ وريام پنهنجي ڀرپور ڪوشش سان ڳوٺ ۾ اسڪول ۽ هڪ استاد منظور ڪرايو.

وريام پنهنجي ان ڪوشش کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ در در ويو، هر جهوپڙيءَ منجهان جُهور ماڻهو ڪاوڙ مان نڪتو ٿي آيس ۽ هن جي صلاحيتن ۽ خيالن مان مطمئن ٿي موٽي گهر ويو. پاڙي جي ٻارن جي اڪثريت اڄ صبح جو اسڪول ۾ موجود هئي ... اسڪول جا ٻارڙا صفائي جي اهميت، وڏن جي عزت، قوم جي خدمت، استادن جو احترام، وقت جي ضرورت ۽ پيءُ ماءُ جي چاڪريءَ کان استاد وسيلي ڄاڻ حاصل ڪندا رهيا. ڪجهه سالن کانپوءِ اتي انگريزي اسڪول به منظور ٿي ويو ۽ ڳڻائي ٻارن جي هوش، جذبي ۽ هوشيارپ ان اسڪول منجهان به علم جو رَس ماڪيءَ جيان چوسي ڪڍي ۽ پوءِ وريام جي اڻٿڪ ڪوشش ڳوٺ جي خوابن جي تعبير بڻي ... ڇو جو ڪافي ڇوڪرا وڏن عهدن تي پهچي پنهنجي مجبور ۽ بي وس ماڻن جي خدمت ڪرڻ ۾ لڳي ويا. !!

موٽو ۽ پيٽو

سهيل جيترو ھڏو قد ۾ پنج فوٽ ٻگهو، اوترو ئي ويڪر ۾ تولهه ۾ موٽو هو. جنهن ڪري ڪلاس جا سڀ ڇوڪرا کيس "موٽو پيٽو" ڪري چيڙائيندا هئا. وري سندس جي سنگت به پاڻ جهڙي ئي موٽي منير سان هئي. سچ چيو اٿن ته جنس جنس کي ڳولي لهي. منير به سهيل جهڙوئي موٽو هو. ويهندا به ساڳئي بينچ تي هئا. ٻيا ڇوڪرا هڪ بينچ تي چار چار تي ويهن پر هي ٻه ڄڻا به سوڙها ٿي مس مس ماپن.

هنن جي ڪلاس ۾ ٻه فقيرو ۽ محبب به پڙهندا هئا. جن جو ڪردار پڙهائيءَ ۾ زيرو هو ۽ شرارتن ۾ نمبر ون. ويهندا وري ڪلاس ۾ آخر ۾ هئا. ننهن ڪڏهن پنهنجي به استاد جي نظر نه پئجي وڃي ۽ ڪو مسئلو نه پيدا ٿئي. ٻئي ڄڻا شرارتي به ڏاڍا هئا فرق صرف اهو هو ته منير ۽ سهيل هوشيار هئا ۽ هي وري اصل جڏا ۽ شرارتي. پر منير ۽ سهيل جون شرارتون جيئن ته ساديون هيون. انڪري ڪوبه ڪلاس ۾ ڪونه پاڻيندو هيو.

بس ڪڏهن ڪنهن جي قميص بوبان ٻڌي ڇڏڻ، ڪڏهن

ڪنهن جي تيلهي ۾ ڏيڏر وجهي ڇڏڻ ته ڪڏهن وري ڪنهنجي گيدي ۾ چاڪن جا ٽڪرا ميڙي وجهي ڇڏڻ وغيره.

اڄ وري فقيري ۽ مجيب هڪ نئين شرارت سوچي ته پنهنجي شرارت جو نشانو سهيل ۽ منير کي بڻائن. منير ۽ سهيل جيئن ئي ڪلاس ۾ لڪي رهيا هئا ته هنن پوئين ڪان ٻنهي جون قميصون ٻانهن ۾ ٻڌي ڇڏيون هيون. جڏهن رسيس ملي ۽ سڀ ڇوڪرا ٻاهر نڪرڻ لڳا ته فقيري اوچتو رڙ ڪئي، "نانگ ڙي نانگ! ڪلاس ۾ نانگ!" پوءِ ته ڪلاس ۾ وٺ وٺان ٿي وئي سڀ ڪو نانگ جي خوف کان ٻاهر ڊوڙڻ لڳو. منير ۽ سهيل جيئن ئي نانگ جو ٻڌو سو ٻئي ٽپ ڏئي اٿيا. "چر، چررڙ .... چررڙ... ٻنهي جون قميصون ڦاٽي پيون ۽ ڪلاس ۾ نانگ ته ڪونه هيو. پوءِ ته سڀ ڇوڪرا کلڻ لڳا ۽ هيڏانهن هي ٻئي روئڻ ۾ پورا. اسان جون نيون قميصون"؟

سڀئي وجي استاد کي دانهن ڏنائون. پوءِ ته فقيري ۽ مجيب چڱا موچڙا کاڌا.

وري هڪ ڏينهن جيئن ئي رسيس ملي ته فقيرو ۽ مجيب منير ۽ سهيل وٽ آيا ۽ هنن کي چيائون ته هلو ته هلي ٻير واري

باغ مان انبڙيون پٽي کائون. منير ته انڪار ڪيو پر سهيل جو انبڙين کائڻ لاءِ وات پاڻي پاڻي ٿي ويو. منير جهليس پر هو نه مڙيو ۽ فقيري وارن سان گڏ روانو ٿيو.

ان وقت باغائي به ڪونه هو. پوءِ ته هنن کي وارو لڳي ويو. هن وڻ تان، هُن وڻ تي چڙهي انبڙيون پٽڻ لڳا. سهيل ڪجھ وقت تائين انبڙيون مزي سان کائيندو رهيو. هوڏانهن فقيرو ۽ مجيب لڪي باغ کان ٻاهر هليا ويا ۽ وڃي باغائي کي ٻڌايائون.

اوچتو باغائي اچي رڙ ڪري چيو "وٺ ڙي وٺ نه وينديَن؟ پڪڙيو چور، پڪڙيو!" سهيل جو اهو ٻڌو سو تڪڙ ۾ وڻ تان لهڻ لڳو ۽ تڙ تڪڙ ۾ پير وڻ جي ٻورن ۾ پير ڦاسي پيس ۽ پڪڙجي پيو.

باغائي پڪڙي ڏاڍي مار ڪييس، پيٽو سهيل توبه ڪئي ۽ وري نه ڪڏهن فقيري وارن سان رليو.

پيارا ٻارؤ! اوهان به متان ڪنهن اهڙي شرارتي ٽولي سان رُلو ۽ پوءِ سهيل وانگر ڦاسي پئو. مڙئي پارت اٿو پنهنجي.....!

معصوم ڳوڙها

ادا .... هو پنهنجي پاڙيسرڻ آهي ....." منهنجو ننيو ياءُ ٻاهران ڀڪندو آيو ۽ تڪڙ ۾ پڇيائين.

"ها ڇا آهي ان کي ...؟ مون پڇيو.

"ادا...... مان اڄ هن جي گهر ويس ڏٺم ته هو ڪتابن کي پنهنجي پوتيءَ جي پلئه سان صاف ڪري رهي هئي سندس اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا. مان ويجهو وڃي پڇيو مانس "ماسي هي ڪنهنجا ڪتاب آهن ته هن وراڻيو، ابا هي منهنجي طارق جا آهن، هو پڙهڻ ويو آهي .... آءٌ سندس ڪتاب صاف ڪري رهي آهيان جيئن هو ائين نه چئي ته امان منهنجا ڪتاب به صاف نه ٿي ڪري!"

مان پڇيو مانس ماسي روئين ڇو ٿي پئي؟ هن ڪجهه نه وراڻيو مون کي پيار ڪيائين ۽ بس .....! منهنجي ڀاءُ معصوميت ۾ چيو.

مون کي طارق ياد اچي ويو اسان گڏ پڙهندا هئاسين.....

”ادا ماسي پاڙيسرڻ چو پئي رني!“ منهنجي ڀاءُ وري پڇيو.

مون چيو: هن جو پٽ طارق تمام پيارو ۽ هوشيار هو، هو ماءُ پيءُ جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو. هو استادن جي عزت ڪندو. جڏهن شهر جي ڪاليج ۾ ويو ته اتي به هن پنهنجو نالو روشن ڪيو.

”پر افسوس......“ آءُ وڌيڪ چئي نه پئي سگهيس.

”ڇا جو افسوس ادا؟“ منهنجي ڀاءُ جاڳڻ تي گهريو.

افسوس ان ڳالهه جو ته ڪاليج ۾ به پارٽيون پاڻ ۾ وڙهي پيون ۽ ”وڙهن سان لتاڙجن ٻوڙا“ ته طارق هميشه هميشه جي لاءِ هتان هليو ويو. ماءُ ويچاري جنهن جي دل ۾ پٽ جي پيار چوليون پئي هنيون. پٽ جو لاش ڏسي ذهني توازن وڃائي ويٺي.

هن کي انتظار آهي ته منهنجو طارق هڪ ڏينهن ايندو پر ضرور ايندو ۽ هوءَ انهيءَ ڪري ڪتابن کي صاف ڪندي رهندي آهي ۽ پٽ جي نشانين کي چمندي رهندي آهي.

”ادا ڪاليجن ۾ پڙهڻ بدران گولي چو هلندي آهي. قلم

بدران بندوق جو راڄ ڇو آهي؟ اسانجن تعليمي ادارن ۾ اسانجي نئين نسل کي ڇو پاڻ ۾ ويڙهائي هڪ ٻئي جو رت وهايو ٿو وڃي؟

ڏنم ته منهنجي ننڍڙي ياءُ جي اکين ۾ ٻه معصوم ڳوڙها تري رهيا هئا.

سچ جي فتح

سج غروب ٿي چڪو آهي، رات جي اونداهي تيزيءَ سان چانئجي رهي آهي. يثرب جا ڪجهہ نوجوان جن ۾ حضرت مصعب بن عمير رضي الله تعاليٰ عنه، حضرت معاذ بن جبل رضي الله تعاليٰ عنه، حضرت معاذ بن عمرو رضي الله تعاليٰ عنه، سعد بن عمرو رضي الله تعاليٰ عنه ۽ ڪجهہ ٻيا نوجوان آهن، ڪجهن جي هڪ باغ ۾ ويٺا آهن. هو سوچي رهيا آهن تہ دين جي دعوت ڪي ڪيئن عام ڪجي، ڪيئن گهٽي ڪان گهڻا ماڻهو تمام جلد دين ۾ داخل ٿين. حضرت معاذ بن جبل رضي الله تعاليٰ عنه جيڪو تمام پرجوش نوجوان هو، تنهن چيو تہ جيڪڏهن اوس ۽ خزرج جا رئيس ۽ سردار اسلام قبول ڪن تہ باقي ماڻهو هڪدم دين جي دائري ۾ داخل ٿيندا. جيتريقدر خزرج جي سردار جو معاملو آهي، معاذ بن عمرو ۽ سعد بن عمرو اسان سان گڏ آهن، اهي ويٺا آهن جيڪڏهن هو تعاون ڪن تہ منهنجي دماغ ۾ هڪ تجويز بلڪ تمام بهترين تجوير آئي آهي. انشاء الله خدا چاهيو تہ اسانجو سردار عمرو بن جموح دين ۾ داخل ٿيو پيو آهي.

ی معاذ بن عمرو ۽ سعد بن عمرو توهان جو چا خيال آهي. حضرت مصعب بن عمير رضي الله تعاليٰ عنه چيو جنهن کي پاڻ سڳورن يثرب وارن جي ديني تربيت ۽ تبليغ لاءِ مکي کان موڪليو هو.

اي محترم ان کان وڌيڪ خوشيءَ جي ٻي ڳالهه ٿي سگهي ٿي جو اسان جو والد محترم اسلام قبول ڪري وجهي ۽ پوءِ اسان جو پورو قبيلو خداوند قدوس جي رحمت ۾ داخل ٿي وڃي. معاذ بن عمرو چيو ۽ پوءِ پاڻ ۾ تجويزن تي غور ڪرڻ لڳا.

عمرو بن جموح خزرج قبيلي جو رئيس وڏو هوشيار انسان هو. ۽ هو نهايت ذهين هو. پر بدقسمتيءَ سان بت پرستيءَ ۽ شرڪ ۾ مبتلا هو. هن جا چار پٽ ۽ قبيلي جا ڪيترا جوان مسلمان ٿي چڪا هئا. ٻيا هن جي طرف ڏسي رهيا هئا. آخر هي سندن سردار ۽ قبيلي جو رئيس هو. هن کي منات ديوتا سان وڏي عقيدت هئي ان ڪري هن ڪاٺيءَ جو بت ناهي ان کي منات جو بت سڏي ان جي پرستش ۽ پوڄا ڪندو هو. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ان جي سامهون هٿ

ٻڌي وينو هوندو هو ۽ پنهنجي بت جي شان ۾ ڪيترا قصيدا ۽ شعر بہ چيا هئائين.

هڪ صبح جو جڏهن ننڊ مان اٿيو ۽ هميشہ وانگر بت کان برڪت وٺڻ لاءِ ان ڪمري ۾ داخل ٿيو جنهن کي عبادت خانو بڻائي رکيو هئائين. ڏسي تہ ان مخصوص جاءِ تي بت آهي ئي ڪونہ. هي ڏاڍو پريشان ٿيو، وني گهر مٿي تي کنيائين تہ سندس خدا کي ڪنهن اغوا ڪيو آهي بس پوءِ تہ ماڻهو ساڻ ڪري پنهنجي خدا جي تلاش ۾ نڪتو ۽ آخر ڏٺائين تہ سندس خدا هڪ گند جي ڍير تي پيو آهي. هي بي تاب ٿي ويو ۽ ان کي گندگيءَ مان ڪڍي صاف ڪرڻ لڳو چمڻ ۽ چٽڻ لڳو ۽ چوندو رهيو تہ اهو ڪهڙو انسان آهي جنهن منهنجي خدا سان ههڙو حشر ڪيو آهي. هن جي اکين مان زار زار لڙڪ وهي رهيا هئا.

ٻئي ڏينهن جڏهن هي ننڊ مان اٿي پنهنجي عبادت خاني ۾ پهتو تہ وري بت کي اتي موجود نہ ڏٺائين وري قبيلي جا جوان ساڻ ڪري تلاش ۾ نڪتو ڏسي تہ اهو اڄ ٻئي گندگيءَ جي ڍير ۾ گپيو پيو آهي. وري روئڻ لڳو ۽ بت کي صاف ڪري

چمڻ ۽ چٽڻ لڳو.

ٽئين رات هن پنهنجي بت جي ڳچيءَ ۾ اگهاڙي تلوار ٽنگي ڇڏي ۽ سمهڻ وقت ان کي چئي ويو ته هاڻي جيڪڏهن تنهنجا دشمن توکي ڪٽڻ اچن ته پوءِ پنهنجي حفاظت پاڻ ڪج.

جڏهن صبح ٿيو ته هن ڏٺو ته بت تلوار سميت گم آهي پوءِ هو ان جي ڳولها ۾ نڪتو ۽ ڏٺائين ته اهو هڪ مئل ڪتي سان گڏ ٻڌل آهي ۽ گندگيءَ ۾ ڪِيو پيو آهي. هن کي پنهنجي باطل ۽ ڪوڙي خدا کان نفرت اچي وئي ۽ بي اختيار هڪ شعر زبان تي اچي ويس جنهن جو ترجمو آهي.

”خدا جو قسم جيڪڏهن تون الله هجين ها،

ته مئل ڪتي سان گڏ غلاظت ۾ نه هجين ها،

لعنت هجي توتي تون ڪيئن ته پيو هئين،

الله جو ٿيو ڪرم نه ته دوزخ ۾ هجان ها.“

اهو ڏسي هڪ خزرجي جيڪو مسلمان ٿي چڪو هو

هن کي چيائين تہ اي سردار جيڪو بت پنهنجي حفاظت نٿو ڪري سگهي توکي دشمن کان ڪيئن بچائي سگهندو. عمرو بن جموح جي دل تي هن ڳالهہ ايترو تہ اثر ڪيو جو هو هڪدم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيو ۽ پورو قبيلو مسلمان ٿي ويو.

روئڻ جو آواز

اُو اَن .... اُو اَن .... اُو اَن .... رات جو
ٻارهين ساڍي ٻارهين بجي قتل سرن جي ڪوريءَ مان ٻار جي
روئڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

مان ۽ ڪجهہ ٻيا ماڻهو اوطاق ۾ وينا هئاسون. عام
طور سي ڳوناٽا نائين ڏيهن بجي رات جو ئي سمهي پوندا هئا
پر ان ڏينهن منهنجو هڪ دوست مهمان ٿي آيو هو انڪري
مان ۽ ڪجهہ ٻين نوجوانن مهمان سان ڪچهري پئي ڪئي.
ڪورو ڳوٺ کان اڌ فرلانگ کن پري هيو پر تڏ جي ڪري ڪوري
طرفان ٻار جي روئڻ جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ پيو اچي. اهو آواز
ٻڌي اسان سڀ اچرج ۾ پئجي وياسين تہ ايتري رات گذرڻ
کانپوءِ ڪو معصوم ٻار قتل ڪوري ڏانهن ڪيئن ويو. يار
رضا! منهنجي خيال ۾ تہ ڪوري ۾ جنن آستانو ٺاهيو آ.
منهنجي مهمان رياض خيال ظاهر ڪيو.

ان جي خيال جي جمن کان سواءِ سڀني تائيد ڪئي.

ڪهڙي خبر ڪو معصوم ٻار ڪنهن گهر مان نڪري

ريڙهيون ڏيندو ڪوري ڏانهن هليو ويو هجي. جمن خيال ظاهر ڪيو. ننيڙو ٻار ايترو پري ريڙهيون ڏئي ڪيئن ويو هوندو. ڪڏهن ٻه نه! صاف ظاهر آهي ته ڪوري ۾ جن آهن. رياض چيو.

منهنجو ته خيال آهي هلي ڏسي اچجي اگر ڪو ٻار آهي ته روئي روئي ٻڏ ۾ مري ويندو. مون صلاح ڏني.

اڙي سجاد! چريو ته نه ٿيو آهين اگر جن نڪتا ته اسان جو ڪنڌ پيچي ماري ڇڏيندا. نه بابا نه مان ته ڪونه هلندس. توهان سڀ ڀلي وڃو. رياض چيو.

اسان ٻه ڪونه هلنداسين تون ڀلي وڃ. ٻين سڀني ٻه چيو. انهن جي اها ڳالهه ٻڌي مونکي ٻه ٻڏ وڪوڙي ويو. منهنجا ٻڏ مان وار ڪانبرجي پيا. ادا جي توهان نٿا هلو ته مان ٻه ڪونه ٿو وڃان ڪو ٻار آهي ته چوي پنهنجي نصيب ڪي. مون جواب ڏنو.

سجاد پٽ! انسان کي خود غرض نه هجڻ گهرجي، ڪو مصيبت ۾ هجي ته ان جي مدد ضرور ڪرڻ کپي. ڀلي ڪيتري ٻه تڪليف اچي. مونکي امان جا هدايت ڀريا لفظ ياد آيا.

جن واقعي خدا جي اهڙي مخلوق آهي، جنهن کي اسان ڏسي نٿا سگهون. هو ڪاٻ شڪل اختيار ڪري سگهندا آهن ۽ انسانن کي ڊيڄاريندا آهن. جنهن جي گهٽائي حرڪتي هوندي آهي. پر نيڪ انسان کي هو ڪوبہ نقصان نٿا پهچائي سگهن. جن يا ڪنهن ٻي فطني ڪان سورة الناس جو ورد ڪري بچي سگهجي ٿو. ان سورة پڙهڻ سان وسوسا ۽ بَدي جون قوتون پچي وينديون آهن. مونکي مولوي صاحب جي تقرير جا اهي جملا ياد آيا.

امان جي هدايت ۽ مولوي صاحب جي تقرير ياد اچڻ شرط مون دل ۾ فيصلو ڪيو تہ مونکي ڪوري ڏانهن وڃڻ کپي.

توهان جي مرضي مان تہ ڪوري ڏنهن ٿو وڃان، مون سيني کي چيو.

اڙي چريا نہ وڃ! مري ويندين. چو ٿو پنهنجي زندگي وڃائين. سيني مون کي جهليو.

پر مان ڪنهن جي ٻہ نہ ٻڌي الله جو نالو وٺي ڪوري

ڏانهن اتي هليس مون ٽارچ ساڻ کنئين سورة الناس پڙهندو اڳتي وڌندو رهيس حيرتناڪ طور تي سورة الناس پهريون دفعو ئي پڙهي پوري ڪرڻ کان پوءِ منهنجو ڊ ج ختم ٿي ويو. پوءِ مون رفتار اچا تکي ڪئي. ڪجهہ ئي دير ۾ وڃي کوري تي پهتس. ٽارچ جي روشني ۾ مون ڏٺو تہ هڪ ٻلي زخمي حالت ۾ ويٺي هئي ۽ سور جي ڪري ننڍڙي ٻار جي روئڻ جهڙو آواز پئي ڪيڍيائين. مونکي ويجهو ايندو ڏسي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪيائين پر ٽپ ڏئي وري ڪري پئي. هن جي ٽنگ ڏاڍي زخمي هئي شايد ڪنهن ڪتي چڪ پاتو هيس. مان اڳتي وڌي ٻلي کي کنيو ۽ واپس اوطاق ڏانهن هليو ويس منهنجو دوست رياض ۽ ٻين کي پنهنجي ڊڄڻ تي ڏاڍي لڄ ٿي ۽ منهنجي دليري جي واکاڻ ڪرڻ لڳا. مان جهٽ اتي ٻيهي وري تڪڙو تڪڙو گهر وڃي پٽي ڪرڻ جو سامان کڻي آيس. پوءِ ٻلي جو زخم صاف ڪري ان جي پٽي ڪري اوطاق ۾ ويهاري ڇڏيومانس تہ جيئن وري ڪو ڪتو نہ کائيس. لڳاتار چئن ڏينهن جي مرهم پٽي کانپوءِ ٻلي چاڪ ٿي وئي.

قيدي

ايران جي صوبي نهاوند جو گورنر مسلمانن جو سخت دشمن هو. هن مسلمانن سان ڪيترائي واعدا ڪيا مگر هر ڀيري هو واعدن جي خلاف ورزي ڪندو رهيو. آخر هڪ جنگ ۾ هو پڪڙجي پيو ته ڪيس حضرت عمر رضي الله تعالىٰ عنه جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ مدينې شريف موڪليو ويو. جڏهن ڪيس دربار ۾ پيش ڪيو ويو ته اتي هن ريت ڳالهه ٻولهه ٿي.

حضرت عمر رضي الله عنه: تون اهوئي نهاوند جو گورنر آهين، جو مسلمانن جي خلاف هر جنگ وڙهندو رهيو آهين؟

گورنر: جي ها ..... سائين مان اهوئي آهيان.

حضرت عمر رضي الله عنه: ڇا تون مسلمانن سان واعدا ڪري ڪونه پاڙيندو هئين؟

گورنر: جي ها سائين.

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه: ڇا تون ڄاڻين ٿو ته انهن ڏوهن جي سزا موت آهي؟

گورنر: جي سائين .... مان ڄاڻان ٿو.

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه: ڇا تون سزا ڀوڳڻ لاءِ تيار آهين؟

گورنر: مان سزا ڀوڳڻ لاءِ تيار آهيان، پر مرڻ کان اڳ منهنجو هڪ عرض آهي جيڪو قبول ڪيو وڃي.

حضرت عمر رضہ: تنهنجي جيڪا خواهش آهي ان کي پورو ڪيو ويندو!

گورنر: مون کي سخت اُڃ لڳي آهي، ڇا مون کي پاڻي پيئڻ جي اجازت ملي سگهندي؟

حضرت عمر رضي الله عنه: ترس! توکي پاڻي هت ئي آڻي ڏيون ٿا. حضرت عمر رضي الله عنه جلاد کي پاڻي آڻڻ لاءِ حڪم ڏنو، جلاد پاڻيءَ جو هڪ پيالو اچي گورنر جي هٿ ۾ ڏئي ٿو. (هو پاڻيءَ جي پيالي کي هٿ ۾ جهلي ڏسي ٿو)

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه: پاڻي پيءُ!

گورنر: اميرالمومنين مون کي پڪ ٿو ٿئي ته ڪٿي مان پاڻي پيئڻ شروع ڪريان ۽ منهنجي گردن تلوار سان اڏائي وڃي !!!

حضرت عمر رضي الله عنه: هرگز نه! جيستائين تون هي پاڻي جو پيالو نه پيئندين تيستائين توکي ڪجهه به نه چيو ويندو.

ٿوري وقفي گذرڻ کان بعد گورنر حضرت عمر رضي الله عنه سان مخاطب ٿئي ٿو.

"اميرالمومنين! اوهان مون سان وچن ڪيو آهي ته، جيستائين مان پاڻيءَ جو پيالو نه پيئندس، تيستائين منهنجو ڪوئي وار به ونگو نه ٿو ڪري سگهي. (ائين چئي گورنر پاڻي جو پيالو زمين تي ڪيرائي ٿو ۽ سمورو پاڻي زمين ۾ جذب ٿي وڃي ٿو.)

اميرالمومنين! هاڻي نه مان هي پاڻي پيئندس ۽ نه وري توهان مون کي سزا ڏيئي سگهو ٿا.

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه مسڪرائيندي فرمايو
تون هي تمام عجيب چال ڪيڏيو آهين، واقعي تون چالاڪ
آهين. پر عمر (رضي الله عنه) تو سان جيڪو واعدو ڪيو
آهي، اُن کي ضرور پورو ڪيو ويندو. وڃ تون آزاد آهين.

قيدي گورنر تي حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جي
اخلاق جو ايترو گهرو اثر ٿيو جو هن اسلام قبول ڪيو.

شرڪ


پيارا ٻارو! خدا پاڪ فرمايو آهي تہ مان پنهنجن ٻندن ڪي سڀ گناهہ معاف ڪري ڇڏيندس پر شرڪ معاف نہ ڪندس.

پيارا ٻارؤ! توهان کي خبر آهي تہ شرڪ ڇا آهي؟ ڪنهن ٻئي کي الله تعاليٰ سان شريڪ ڪرڻ کي شرڪ چئبو آهي. توهان کي خبر آهي تہ هي دنيا ڪنهن ناهي آهي؟ اسان کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ اسان جون اکيون، اسان جا ڪن، اسان جو نڪ، اسان جا پير، اسان جا هٿ وغيره ڪنهن ناهيا آهن؟

اهي سڀ هڪ الله ناهيا آهن جنهن سان ٻيو ڪوبہ مدد ڪندڙ ڪونہ آهي ۽ هو اڪيلو آهي.

پيارا ٻارؤ! پيرن تي وڃڻ، فقيرن کان تعويزون وٺڻ، ڀارا هڻڻ، ڪنهن ٻئي جي نالي تي قرباني ڪرڻ، اهي سڀ شرڪ جا قسم آهن جيڪي حرام آهن.

توهان کي بہ گھرجي تہ کڏهن بہ اهڙو ڪم نہ ڪجو جو خدا پاڪ معاف نہ ڪري. اسان کي گھرجي تہ جنت ۾ پنھنجو گھر ناهيون، ائين نہ ٿئي جو دوزخ جي باهہ جو نصيب بڻجون.





پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاڙُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي ورِي پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرنـدڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻيـن لفظن ۾ پَـنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيـن. اهـڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽَ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته ”هاٽي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)